ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) خميس 05 فيبروري 2026ع 16 شعبان المعظم 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيه شمارو (174)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

پاڪستان ۽ قازقستان وچ ۾ واپار، سيڙپڪاري، توانائي سميت مختلف شعبن ۾ تعاون لاءِ 19 مفاهمتي يادداشتن ۽ معاهدن تي صحيحون

پاڪستان ۽ قازقستان ۾ واپاري ماپو وڌائڻ جا ڪيترائي موقعا آهن هڪ سال ۾ ٻطرفي واپار کي هڪ ارب ڊالر تائين پهچائڻ جو هدف آهي گڏيل ڪوششن سان اقتصادي ۽ واپاري تعاون جا هدف حاصل ڪنداسين: وزيراعظم

پاڪستان قازقستان جو هڪ قابل اعتماد دوست ۽ اسٽريٽجڪ پارٽنر آهي، ٻنهي ملڪن ۾ واپار ۽ معيشت سميت مختلف شعبن ۾ تعاون کي فروغ ملي رهيو آهي گڏجي اڳتي وڌنداسين

ٻوٽن جي تحفظ ۽ جانورن جي بيمارين جي شعبن ۾ تعاون، مصنوعي ذهانت ۽ ڊجيٽل ترقي جي شعبن ۾ تعاون تي مفاهمت جي يادداشت، صحت جي شعبي ۾ تعاون جي مفاهمت جي يادداشت صحيحون

اي پي پي ۽ قازقستان جي سرڪاري ٽي وي جي وچ ۾ تعاون جا معاهدا، موسمياتي تبديلي جي شعبن ۾ تعاون جا معاهدا، اعليٰ تعليم جي شعبن ۾ مفاهمت جي يادداشت، مالي انتظام ۽ بينڪنگ جي شعبن ۾ پڻ مفاهمت

پيٽروليم شعبي ۾ پاڪستان کي پروڊڪشن پلانٽ هڻڻ جي دعوت ڏيون ٿا، اسلامي فنانس ۾ به پاڪستان جو اهم مقام آهي، اسلامي فنانسنگ جي شعبي ۾ تعاون ۾ اضافو چاهيون ٿا: قازقستان جو صدر

ٻنهي ملڪن جي تعليمي ادارن ۽ شاگردن جي وچ ۾ تعاون کي فروغ ڏيڻ لاءِ ٽن مرڪزن جي قيام لاءِ هڪ يادگاري تختي جي به نقاب ڪشي ڪئي وئي احمد ياساوي ريسرچ سينٽر ۽ الفارابي سينٽر به قائم ڪيو ويندو: پڙدائي

جمون ڪشمير ۾ جاري پارٽي رياستي ڏاڍ، عدالت کان ماورا قتل، غير قانوني گرفتاريون، آبادي جي شرح بدلائڻ جون ڪوششون ۽ انساني حقن جون سنگين ڀڃڪڙيون عالمي ضمير جي جاڳائڻ لاءِ ڪافي آهن

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان ۽ قازقستان جي وچ ۾ واپار، سيڙپڪاري، توانائي، تعليم، رانديون، ريلوي، مصنوعي ذهانت ۽ ڊجيٽل ترقي ۽ صحت سميت مختلف شعبن ۾ تعاون کي فروغ ڏيڻ لاءِ مفاهمت جي 19 يادداشتن ۽ معاهدن تي صحيحون ڪيون آهن وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته پاڪستان ۽ قازقستان جي وچ ۾ واپاري ماپو وڌائڻ جا ڪيترائي موقعا آهن هڪ سال ۾ ٻطرفي واپار کي هڪ ارب ڊالر تائين پهچائڻ جو

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف ۽ قازقستان جو صدر قاسم جومارٽ توڪايو گڏيل معاهدن تي صحيحن بعد ڪاغذ ڏيکاري رهيا آهن

نائب وزيراعظم سان ايس اي سي پي جي چيئرمين ڊاڪٽر ڪبير احمد سڌو جي ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم ۽ قازقستان جي صدر پاران پاڪستان اسپورٽس سينٽر، روسٽيڪ ۽ يونيورسٽين جي وچ ۾ ٽن مرڪزن جي قيام لاءِ يادگاري تختين جي نقاب ڪشائي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ قازقستان جي صدر قاسم

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ٻوڏ متاثرن لاءِ 21 لک گهرن جي تعمير سنڌ حڪومت ۽ ورلڊ بئنڪ جو تاريخي قدم آهي: وڏو وزير

هي پروگرام هنگامي امداد مان نڪري دنيا ۾ هڪ جامع بحالي ماڊل بڻجي چڪو آهي

وڏي وزير مراد علي شاهه ۽ ورلڊ بئنڪ جي صدر اجي بنگا پاران ڏوڪري جي ڳوٺ بهاول جت جو دورو ڪيو

عالمي بينڪ جي صدر عورتن جي هٿ جي هنر سان تيار ڪيل شيون ڏٺيون ۽ ڳوٺ ۾ يادگار طور ٻوٽو به پوکيو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ ورلڊ بئنڪ گروپ جي صدر اجي بنگا پاران تعلقي ڏوڪري جي ڳوٺ بهاول جت جو دورو ڪيو ويو جتي ڳوٺاڻن مهمانن جو ڀرپور ۽ گرمجوشي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ڀارت جي هٽ ڌرمي سبب ڪشميري عوام کي 80 سالن کان بنيادي حق کان محروم رکيو پيو

جمون ۽ ڪشمير جو تڪرار گڏيل قومن جي ايجنڊا تي پراڻي حل طلب تڪرارن ۾ شامل آهي اهو اڄ ڏينهن برو ته آهي جڏهن ڪشميري عوام آزاد مستقبل ۾ ٻنهي زندگين گذاريندي

هي اڄوڪي ڏينهن ان عزم جي تجديد ڪري ٿو ته پاڪستان پنهنجي ڪشميري ڀائرن ۽ ڀينرن جي خودمختياري جي حق جي منصفاڻي جدوجهد ۾ انهن جي اصولي ۽ اٽل حمايت جاري رکندو

گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل اهو تڪرار اڃا حل ڪري ٿو ته جمون ۽ ڪشمير هڪ تڪراري خطو آهي ۽ ان جي حتمي مستقبل جو فيصلو ڪشميري عوام جي خواهشن موجب ٿيندو

انهن جي رنجائش ظلم ۽ آزادي جي باوجود ڀلارائي جمون ۽ ڪشمير اڄ به دنيا جي سڀ کان وڌيڪ فوجي موجودگي، مڪمل ڪالا ۽ سنگين انساني حقن جي خلاف ورزين جو ڳڙهه بڻيل آهي جيڪو قابل برداشت ناهي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ڪشمير يڪجهتي ڏهاڙي تي پاڪستان جي عوام ۽ حڪومت پاران ڪشميري ڀائرن ۽ ڀينرن جي خودمختياري جي حق جي منصفاڻي جدوجهد جي اصولي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

خاتون اول آصفه ڀٽو زرداري پاران ابوظهبي ۾ ”انساني اخوت مجلس، زايد ايوارڊ

هلندڙ سال جي مجلس ان لحاظ کان خاص اهميت رکندڙ هئي ته ان کي ”خاندان جو سال“ جي عنوان تحت منعقد ڪيو ويو

خاتون اول گڏيل عرب امارات جي قيادت پاران روايت، ثقافتي احترام ۽ سماجي خدمت تي مسلسل زور ڏيڻ کي ساراهيو

ابوظهبي (اي پي پي) پاڪستان جي خاتون اول ۽ قومي اسيمبلي ميمبر بي بي آصفه ڀٽو زرداري گڏيل عرب امارات جي حڪومت

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ابوظهبي: خاتون اول آصفه ڀٽو زرداري زيد ايوارڊ فار هيومن فريٽرنٽي ڪنڪليو ۾ ڳالهائي رهي آهي

ڀارت پاڪستان کي دهشتگردي ذريعي غير مستحڪم ڪرڻ چاهي ٿو: گرپتونت سنگهه

ڀارتي فوجين پاران علائقي ۾ گڏيل آپريشن اڃا به جاري آهي: سکس فار جسٽس جو اڳواڻ

واشنگٽن (اي پي پي) سکس فار جسٽس جي اڳواڻ گرپتونت سنگهه پنون ڀارتي سرپرستي هيٺ پاڪستان ۾ دهشتگرد

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي نجي اسپتال ۾ ويم دوران عورت چارئي ٻار سميت فوت ٿي وئي

ميمڻ ڳوٺ جي نجي اسپتال ۾ ويم دوران مائرا جوکيو جي حالت خراب ٿي وئي

کيس جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي هو چارئي ٻار سميت فوت ٿي وئي، وارثن جو احتجاج

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي ميمڻ ڳوٺ ۾ قائم هڪ نجي اسپتال ۾ ويم دوران عورت جي حالت اوچتو خراب ٿي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

بلوچستان حملن جي ذميوارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻڻ لاءِ سمورا ملڪ پاڪستان سان سهڪار ڪن: سلامتي ڪائونسل

گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي ميمبرن پاران پاڪستان جي صوبي بلوچستان ۾ مختلف هنڌن تي ٿيل تازن خطرناڪ دهشتگرد حملن جي مذمت ڪئي وئي

نيويارڪ ۾ گڏيل قومن جي هيڊ ڪوارٽر پاران جاري پريس بيان ۾ 15 ميمبرن تي ٻڌل سلامتي ڪائونسل جي ڪالعدم بي ايل اي جي حملن کي گندو ۽ بزدلاڻو قرار ڏنو ويو

مذمت جوڳي دهشتگرد ڪارروائين ۾ ملوث، منصوبسازن، مالي مدد ڪندڙن ۽ سرپرستن کي جوابده قرار ڏئي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي: صدر جيمز ڪاريوڪي

سمورا ملڪ عالمي قانون ۽ سلامتي ڪائونسل جي لاڳاپيل ٺهراين تحت پاڪستان خلاف وڌندڙ دهشتگرد حملن تي پاڪستان حڪومت سان ڀرپور سهڪار ڪن

دهشتگردي عالمي امن ۽ سلامتي لاءِ سڀ کان وڌيڪ سنگين خطرن مان هڪ آهي، اهي ڪارروائيون ڪندڙن، مالي مدد ڪندڙن ۽ سرپرستن کي جوابده قرار ڏنو وڃي

سلامتي ڪائونسل ميمبرن پاران متاثر خاندانن، پاڪستان حڪومت ۽ پاڪستاني عوام سان دلي همدردي ۽ تعزيت ۽ زخمين جي مڪمل صحتيابي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ويو

نيو يارڪ (مر د) گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل بلوچستان ۾ ٿيندڙ تازن حملن جي مذمت ڪندي سڀني ملڪن تي زور ڏنو آهي ته اهي ذميوارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻڻ لاءِ پاڪستان سان سهڪار ڪن پرڏيهي ميڊيا موجب گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي صدر جيمز ڪاريوڪي ڪائونسل طرفان بيان جاري ڪيو آهي، جنهن ۾ چيو ويو آهي ته

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻو: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ورلڊ بئنڪ جي صدر اجئي بانگا سان گڏ ٻوڏ متاثر عورتن ۾ گهرن جا مالڪاڻا حق ورهائڻ بعد ساڻن گڏ ويٺل آهي

عالمي برادري ڪشميرين جي بنيادي حقن جي تحفظ لاءِ ذميواريون نڀائي: بلاول ڀٽو

ڀارتي بربريت ۽ سنگين انساني حقن جي ڀڃڪڙين باوجود ڪشميري عوام جو حوصلو بلند آهي

پيپلز پارٽي جي آزادي، وقار ۽ انصاف جي حاصلات تائين آواز بلند ڪندي رهندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته مقبوضه ڪشمير ۾ گذريل 7

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ڀارتي فوجين اڌمپور ۾ 2 ڪشميري نوجوانن کي شهيد ڪري ڇڏيو

ڀارتي فوجين ۽ پيرا ملٽري اهلڪارن پاران علائقي ۾ گڏيل آپريشن اڃا به جاري آهي

جمون 04- فيبروري (اي پي پي) ڀارت جي غيرقانوني قبضي هيٺ جمون ڪشمير ۾ ڀارتي فوجين پنهنجي رياستي دهشتگردي جي تازي ڪارروائي ۾ ضلع اڌمپور ۾ ٻن ڪشميري نوجوانن کي شهيد ڪري ڇڏيو

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ڪشميري عوام کي سندن جدوجهد ۾ ڪين اڪيلو نه ڇڏيندو: سيدال خان

ڪشميرين جو ڏينهن پاڪستاني قوم جي دلين ۾ رهندڙ ان اٽوٽ وابستگي جي علامت قرار

دنيا گڏيل قومن جي قراردادن، عالمي قانونن ۽ انساني قدرن جي روشني ۾ جائز سمجهي ٿو

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ جي ڊپٽي چيئرمين سيدال خان چيو آهي ته 5 فيبروري جو ڏينهن پاڪستاني قوم جي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

سنڌ اسيمبلي ۾ عالمي ڪانفرنس شروع، غربت، بک ۽ بيمارين خلاف گڏيل جدوجهد ڪرڻي پوندي: اويس قادر شاهه

پارليامانی سڌارن ذريعي اقليتن، معذورن، عورتن ۽ ٻارن جي حقن لاءِ گڏيل طور ڪم ڪرڻ ضروري آهي: ڪرسٽوفر ڪليلا

ڪانفرنس پارلياماني نظام جي مضبوطي ۽ بهتر حڪمراني جا نوان رستا ڳولڻ سبب بڻجندي: اياز صادق

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي/ راهب ڳاهو) سٽين سي پي اي ايشيا ۽ بي گڏيل سي پي اي ايشيا ۽ ڏکڻ اوڀر ايشيا ريجنل ڪانفرنس سنڌ اسيمبلي ۾ جاري آهي، جتي سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سنڌ اسيمبلي جو اسپيڪر اويس قادر شاهه، قومي اسيمبلي جو اسپيڪر سردار اياز صادق، سينيٽر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ، پنجاب اسيمبلي جو اسپيڪر ملڪ محمد احمد ۽ ٻيا اسپيڪرز ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيا آهن

دنيا فيصلائتي عالمي تبديليءَ مان گذري پئي جمهوري ادارن جو ڪردار اهم ٿي ويو آهي: شرجيل ميمڻ

سنڌ ۾ قانون سازي جي نگراني ۽ پارلياماني شفافيت وڌائڻ لاءِ ڪيترائي قدم کنيا ويا آهن

صوبي ۾ جديد پارلياماني نظام ۽ مصنوعي ذهانت بابت غور ويچار جي شروعات ٿي چڪي آهي

سي پي اي جهڙا پليٽ فارمز امن ۽ علائقائي سهڪار لاءِ انتهائي اهم آهن: عالمي ڪانفرنس کي خطاب

ڪراچي : سنڌ جي سينيئر وزير ۽ صوبائي وزير اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

وڏين طاقتن جي ٽڪراءُ ۾ ننڍا ۽ ڪمزور ملڪ وڌيڪ متاثر ٿين ٿا: برطانوي اڳواڻ

پارليامينٽون عوامي نمائندگي، جمهوري جواز ۽ ترقي جو مرڪزي ادارا آهن: پال ياو بوڊنگ

هي ڪانفرنس چئلينجن کي منهن ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي: ملائيشيا اسيمبلي جو اسپيڪر

ڪراچي: برطانيا جي ايوانِ بالا (هائوس آف

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

امن معاهدن کي پائيدار بڻائڻ لاءِ قانوني ۽ آئيني شڪل ڏيڻ ضروري آهي: مالديپ جو ڊپٽي اسپيڪر

ڪراچي: سي پي اي ڪانفرنس کي مالديپ

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

#79YearsOfIllegalOccupation
ہمارا وعدہ ہمارا ایمان
کشمیر بنے گا پاکستان
۵ فروری
یومِ یکجہتی کشمیر
آزادی کا علم بلند کیے
کشمیریوں کو سلام
5 فروری محض ایک تاریخ نہیں، بلکہ عہدِ وفا ہے
ان ماؤں، بہنوں اور غازیوں سے جو دہائیوں سے
آزادی کا علم تھامے کھڑے ہیں۔
PID (I) 6450-D/25
URAAN PAKISTAN
وزارتِ اطلاعات و نشریات
حکومتِ پاکستان
/GovtofPakistan | govtofpakistan | @GovtofPakistan | @govtofpak | www.moib.gov.pk

پاڪستان ۽ قازقستان ٻن سالن ۾ ٻطرفو واپاري ماپو هڪ ارب ڊالر تائين وڌائڻ تي اتفاق ڪيو آهي: وزيراعظم

جمهوريه قازقستان جي صدر قاسم جومارت ٽوڪائيوف وزيراعظم محمد شهباز شريف سان وزيراعظم هائوس ۾ ملاقات ڪئي

وزيراعظم شهباز شريف ۽ قازقستان جي صدر قاسم جومارت ٽوڪائيوف پاران ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ تعاون کي وڌيڪ فروغ ڏيڻ جي عزم جو ورجاءُ

صدر ٽوڪائيوف علائقائي امن، رابطي ۽ ترقي جي لاءِ قازقستان سان ويجهي تعاون جي پاڪستان جي خواهش جو ورجاءُ ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ قازقستان جي صدر قاسم جومارت ٽوڪائيوف ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ سياسي، اقتصادي، دفاعي ۽ عوامي رابطن جي شعبن ۾ تعاون کي وڌيڪ فروغ ڏيڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪندي ايندڙ ٻن سالن ۾ ٻطرفو واپاري ماپو هڪ ارب ڊالر تائين وڌائڻ تي اتفاق ڪيو آهي. ڪالهه اربع ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب جمهوريه قازقستان جي صدر قاسم جومارت ٽوڪائيوف وزيراعظم محمد شهباز شريف سان وزيراعظم هائوس ۾ ملاقات ڪئي ۽ ٻطرفي ڳالهه ٻولهه ڪئي. جمهوريه قازقستان جي صدر قاسم جومارت ٽوڪائيوف جو وزيراعظم هائوس پهچڻ تي وزيراعظم محمد شهباز شريف شاندار استقبال ڪيو ۽ سندس اعزاز ۾ سرڪاري آجياڻي واري تقريب منعقد ڪئي وئي، صدر قاسم جومارت ٽوڪائيوف گارڊ آف آنر جو معائنو پڻ ڪيو ٻنهي اڳواڻن جي وچ ۾ نويڪلائي ۾ ملاقات ٿي جنهن ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير محمد اسحاق ڊار ۽ چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير پڻ موجود هئا. ان کانپوءِ وفدن جي سطح تي ڳالهه ٻولهه ٿي جنهن ۾ ٻنهي ملڪن جي اهم ڪابينا ميمبرن شرڪت ڪئي. وفدن جي سطح تي ٿيندڙ ڳالهه ٻولهه دوران وزيراعظم صدر ٽوڪائيوف جي پاڪستان جي دوري جي پاڪستان – قازقستان ٻطرفي لاڳاپن ۾ هڪ تاريخي سنگ ميل قرار ڏنو ڇو ته اهو 23 سالن کانپوءِ ڪنهن قازق صدر جو پهريون پاڪستان جو دورو آهي. ٻنهي اڳواڻن ٻطرفي تعاون جي سمورن رخن جو جائزو ورتو ۽ اعليٰ سطحي رابطن ۽ قائم شده ادارجاتي طريقيڪار بشمول ٻطرفي سياسي مشاورت ۽ گڏيل بين الحڪومتي ڪميشن کي موثر بڻائڻ تي اطمينان جو اظهار ڪيو هن سياسي، اقتصادي، دفاعي ۽ عوامي رابطن جي شعبن ۾ پاڪستان قازقستان تعاون کي وڌيڪ فروغ ڏيڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو وزيراعظم تازن سالن ۾ ٻطرفي واپار ۾ ترتيبوار اضافي کي اجاگر ڪندي ان جي غيراستعمال شده صلاحيت مان ڀرپور فائدو کڻڻ جي ضرورت تي زور ڏنو ٻنهي ڌرين ايندڙ ٻن سالن ۾ ٻطرفو واپار هڪ ارب ڊالر تائين وڌائڻ تي اتفاق ڪيو ان ڳالهه تي پڻ اتفاق ٿيو ته ٻنهي ملڪن جي نجي شعبن جي وچ ۾ وڌندڙ حصيداري واپار ۽ سيڙپڪاري جي لاڳاپن کي فروغ ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو. ان ڏس ۾ پاڪستان قازقستان بزنس فورم جي انعقاد کي هڪ مثبت قدم قرار ڏنو ويو ٻنهي اڳواڻن علائقائي رابطي ۽ جوڙ جي نظام بشمول رستي، ريل فضائي ۽ ساموندي تعاون کي فروغ ڏيڻ جي لاءِ ويجهي تعاون جي ضرورت تي پڻ زور ڏنو ٻنهي طرفن ٽرانزٽ واپار جي انتظامن ۽ علائقائي لنگهن کي اقتصادي انضمام ۽ گڏيل خوشحالي جي فروغ جي لاءِ اهم قرار ڏنو ٻين معاملن کانسواءِ ٻنهي اڳواڻن تعليم، ثقافت، سياحت ۽ توانائي جي شعبن ۾ تعاون تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ ڊگهي مدي واري ٻطرفي لاڳاپن جي استحڪام جي لاءِ تعليمي مٽاسٽا ۽ عوامي رابطن جي اهميت کي تسليم ڪيو پاڪستان قازقستان لاڳاپن کي وڌيڪ وڌائڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪندي ٻنهي اڳواڻن ان اعتماد جو اظهار ڪيو ته دوري جا نتيجا جن ۾ 37 مفاهمتي ياداشتن ۽ معاهدن تي صحيحون ۽ ٻنهي اڳواڻن پاران "اسٽريٽجڪ حصيداري جي قيام" بابت گڏيل پڌرنامو شامل آهي تعاون جا نوان موقعا پيدا ڪندو صدر قاسم جومارت ٽوڪائيوف شاندار مهمان نوازي تي وزيراعظم محمد شهباز شريف جا ٿورا ادا ڪيا. هن وزيراعظم کي هلندڙ سال ڪنهن موزون وقت تي قازقستان جي دوري جي دعوت پڻ ڏني. وزيراعظم دعوت تي صدر ٽوڪائيوف جا ٿورا مڃيا ۽ علائقائي امن، رابطي ۽ ترقي جي لاءِ قازقستان سان ويجهي تعاون جي پاڪستان جي خواهش جو ورجاءُ ڪيو ٻنهي اڳواڻن ان ڳالهه تي اتفاق ڪيو ته سينيئر وزيرن ۽ لاڳاپيل عملدارن تي ٻڌل هڪ ورڪنگ ڪميٽي قائم ڪئي ويندي جيڪا ايندڙ 5 سالن دوران ٻطرفي واپار ۽ اقتصادي تعاون جي فروغ جي لاءِ هڪ جامع روڊ ميپ تيار ڪندي.

آهي اڄ ڪشمير يڪجهتي ڏهاڙي جي موقعي تي پنهنجي ڪشميري ڀائرن ۽ ڀينرن کي يقين ڏياريان ٿو ته پاڪستان ڪشميري عوام جي آزادي جي جدوجهد ۾ پنهنجي مڪمل اخلاقي، سفارتي ۽ سياسي حمايت ان وقت تائين جاري رکندو جيستائين هو گڏيل قومن جي سرپرستي ۾ واعدي موجب آزاد ۽ غيرجانبدار ريفرنڊم جي ذريعي پنهنجي خودمختياري جو حق حاصل نٿا ڪري وٺن هن چيو ته انشاءَ الله اونداهي جا هي ڏينهن جلد آزادي جي روشن سحر ۾ تبديل ٿيندا ۽ اهو ڏينهن پري نه آهي جڏهن جمون ۽ ڪشمير جي عوام ڀارتي قبضي جون زنجيرون ٽوڙي خوف کان آزاد مستقبل ۾ پنهنجون زندگيون گذاريندي

بقايا 14 منعقد ڪيو ويو

جي دعوت تي ابوظهبي ۾ منعقد "انساني اخوت مجلس زايد ايوارڊ 2026ع" ۾ شرڪت ڪئي اها مجلس "انساني اخوت بابت زايد ايوارڊ" جي ساليانو ڪئلينڊر جو هڪ اهم حصو آهي جيڪا گڏيل بقاءَ، همدردي، مڪالمي ۽ انساني اتحاد جي لاءِ گڏيل عرب امارات جي پائيدار عزم جي عڪاسي ڪري ٿي هلندڙ سال جي مجلس ان لحاظ کان خاص اهميت رکندڙ هئي ته ان کي "خاندان جو سال" جي عنوان تحت منعقد ڪيو ويو جيڪو شيخ محمد بن زايد النهيان جي ان ويزن جي ترجماني ڪري ٿو ته خاندان ئي قومي استحڪام، خوشحالي ۽ تسلسل جو بنياد آهي اماراتي "مجلس" جي عاجزي، دانشمندي ۽ مهمان نوازي تي ٻڌل روايت کي برقرار رکندي ان ميڙ ۾ عالمي اڳواڻن، مفڪرن ۽ تبديلي جي علمبردارن شرڪت ڪئي ته جيئن گڏيل انساني قدرن کي عملي ۽ جامع نتيجن ۾ بدلائڻ جي لاءِ مڪالمو ڪري سگهجي ڪالهه اربع ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب خاتون اول بي بي آصفه ڀٽو زرداري هڪ اعليٰ سطحي پينل مباحثي ۾ شرڪت ڪئي جنهن جو عنوان "انساني اخوت جي مرڪز ۾ عورتن جي قيادت" هو ان مڪالمي ۾ اهڙين بااثر عورت اڳواڻن کي گڏ ڪيو ويو هو جن جو ڪم پنهنجي ملڪن جي سماجي ڍانچي کي مضبوط ڪيو آهي سيشن جي نظامت "دي نيشنل" (يو اي اي) جي ايڊيٽر ان چيف مينا العريبي ڪئي بحث دوران همدردي، اخلاقي جرئت ۽ جامع طرز حڪمراني تي ٻڌل قائداڻي ماڊلز تي روشني وڌي وئي ۽ ان ڳالهه تي زور ڏنو ويو ته مضبوط خاندان ئي ٺوس معاشرن ۽ پائيدار سماجي هم آهنگي جو نقطه آغاز هوندا آهن پنهنجي خطاب دوران خاتون اول بي بي آصفه ڀٽو زرداري پنهنجي والده شهيد محترمه بينظير ڀٽو جو ذڪر ڪيو جيڪا پاڪستان جي پهرين عورت وزيراعظم ۽ ڪنهن به مسلمان ملڪ جي قيادت ڪندڙ پهرين عورت هئي هن زور ڏنو ته عوامي ادارن تي اعتماد رڳو هدايتن سان نه پر ڪميونٽي جي سطح تي ٻڌل تسلسل ۽ حقيقي رابطي سان پيدا ٿئي ٿو پاڪستان جي تجربي جو حوالو ڏيندي هن "ليڊي هيلٿ ورڪرز پروگرام" کي رياست ۽ خاندانن جي وچ ۾ ٻطرفي رابطي جي هڪ طاقتور مثال طور تي پيش ڪيو جيڪو صحت جي سهولتن، ويڪسينيشن جي آگاهي ۽ وقار کي سڌوسنئون خاندانن جي دروازن تائين پهچائي رهيو آهي هن چيو ته ان پروگرام جي ڪاميابي جو راز ان جو ڪميونٽي تي ٻڌل طريقيڪار آهي جتي هزارين عورتون هيلٿ ورڪرز هڪ اهڙي زبان ڳالهائين ٿيون جيڪا سماجي ۽ ثقافتي حالتن کي سمجهن ٿيون ۽ هڪ قابل اعتماد چهري جي طور تي سڃاتيون وڃن ٿيون تازين ويڪسينيشن مهمن بشمول ايڇ پي وي آئوٽ ريچ ۾ پاڪستان جي پهرين ملڪ گير پوليو خاتمي جي مهم جو ذڪر ڪندي خاتون اول ان ڳالهه تي زور ڏنو ته ڪهڙي طرح گهريلو سطح تي اعتماد، همدردي ۽ مڪالمو عوامي صحت جي نتيجن کي نمايان طور تي بهتر بڻائي ٿو هن ڪميونٽي هيلٿ ورڪرز کي قومي صحت جي نظام، خاندانن خاص طور تي مائرن ۽ ٻارن جي وچ ۾ هڪ اهم ڪڙي قرار ڏنو خاتون اول بي بي آصفه ڀٽو زرداري ايندڙ نسلن ۾ قدرن کي فروغ ڏيڻ جي لاءِ تعليم، خاندان ۽ قيادت جي وچ ۾ هم آهنگي جي اهميت تي پڻ زور ڏنو هن چيو ته ٻار ان وقت بهتر سکن ٿا جڏهن قدرن کي رڳو هدايتن بدران روزاني جي عمل ۾ ڏٺو وڃي پنهنجي خاندان جي جلاوطني دوران گڏيل عرب امارات ۾ پنهنجي اسڪول دور جون يادون تازيون ڪندي هن ٻڌايو ته ڪهڙي طرح "ثقافتي هفتن" ۽ "ماحولياتي آگاهي" جهڙن پروگرامن احترام، ذميواري ۽ شهري حصيداري جي عادت پيدا ڪئي هن چيو ته جڏهن اسڪول والدين کي حصيدار جي طور تي ڏسن ٿا ۽ والدين اسڪولن کي ڪردارسازي جي جڳهه سمجهن ٿا ته ٻار جي واڌويجهه تي گهرا اثر پون ٿا. ان ڏس ۾ خاتون اول گڏيل عرب امارات جي قيادت پاران روايت، ثقافتي احترام ۽ سماجي خدمت تي مسلسل زور ڏيڻ کي ساراهيو ۽ 2026ع کي "خاندان جو سال" قرار ڏيڻ کي هڪ بروقت ۽ طاقتور پيغام قرار ڏنو فورم ۾ اچڻ تي انساني اخوت بابت زايد ايوارڊ جي سيڪريٽري جنرل جج محمد عبدالسلام خاتون اول جو استقبال ڪيو پينل مباحثي کان اڳ خاتون اول ڪيترين ئي نامور شخصيتن سان ملاقاتون پڻ ڪيون جن ۾ لبنان جي خاتون اول نعمت عون، انڊونيشيا جي اڳوڻي صدر ميگاوتي سوڪارنو پتري، ڪولمبيا جي خاتون اول ويرونيڪا الڪوسر گارسيا، حيدر عليئيف فائونڊيشن جي نائب صدر ليلي عليئيوا ۽ ازبڪستان جي صدر جي انتظاميا جي سربراهه سعيده مير ضيايوا شامل هيون خاتون اول جي ان پروگرام ۾ شرڪت انساني اخوت، جامع قيادت ۽ قومي ۽ عالمي سطح تي خانداني ۽ سماجي قدرن کي مضبوط بڻائڻ جي لاءِ پاڪستان جي پائيدار عزم جي عڪاسي ڪري ٿي.

ڪراچي ۾ يوم يڪجهتي ڪشمير جي موقعي تي مختلف راندين جا مقابلا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت ۽ راندين واري کاتي جي انتظام هيٺ 5 فيبروري يوم يڪجهتي ڪشمير جي موقعي تي ڊسٽرڪٽ سينٽرل جي سنڌ اسپورٽس ڪلب ناظم آباد ۾ فينسنگ، بيڊمنٽن، مڪسڊ مارشل آرٽس ۽ پنجه آزمائي سميت مختلف راندين جا مقابلا منعقد ڪيا ويا، جن ۾ 300 کان وڌيڪ شاگردن ۽ شاگردياڻين شرڪت ڪئي. تقريب جو مهمان خاص سيڪريٽري اسپورٽس سنڌ منور علي مهيسر هو جڏهن ته ڊائريڪٽر اسپورٽس اسد اسحاق، ڊپٽي ڊائريڪٽر سيد حبيب الله ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسر سينٽرل هاجره نواب ۽ سنڌ اولمپڪ ايسوسيئيشن جو جنرل سيڪريٽري احمد علي راجپوت سميت ٻيون معزز شخصيتون پڻ موجود هيون ان موقعي تي سيڪريٽري اسپورٽس سنڌ منور علي مهيسر پنجه آزمائي جي مقابلي ۾ سنڌ اولمپڪ ايسوسيئيشن جي جنرل سيڪريٽري احمد علي راجپوت کي شڪست ڏني مهمان خاص ڪامياب رانديگرن ۾ ميڊلز ۽ سرٽيفڪيٽ ورهايا. ان موقعي تي سيڪريٽري اسپورٽس منور علي مهيسر چيو ته هي ايونٽ ڪشميري عوام سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ منعقد ڪيو ويو آهي. اسان جي نئين نسل کي تعليم ۽ راندين سان گڏوگڏ ڪشمير مسئلي کان به باخبر رهڻ گهرجي.

ڪراچي ۾ مبينا پوليس مقابلي ۾ هڪ ڌوڙو مارجي ويو، سندس ساٿي فرار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ گلبرگ پوليس ڪريم آباد اپوا ڪاليج ويجهو هڪ مبينا مقابلي ۾ ڌوڙو مارجي ويو جڏهن ته سندس ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. مارجي ويل ملزم جي لاش کي ڇيپا ايمبولينس ۾ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو. ڪراچي پوليس جي ترجمان موجب مارجي ويل ملزم جي سڃاڻپ احمد شاهه عرف بيدري ولد تنوير شاهه جي نالي سان ٿي آهي مارجي ويل ملزم هوائي فائرنگ جهيڙن اسٽريٽ ڪرائم ۽ پوليس جي مزاحمت ۾ ملوث هو ملزم جي هوائي فائرنگ جون وڊيوز پڻ سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيون. مارجي ويل ملزم وٽان گولين سان گڏ هڪ پسٽول 3 موبائل فون ۽ نقدي هٿ ڪئي وئي. گرفتار ملزم جو ساٿي موقعي تان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.

بقايا 15 گرپتونت سنگهه

حملن جي شديد مذمت ڪئي آهي. ڪشمير ميڊيا سروس موجب سک اڳواڻ چيو ته بلوچستان ۾ دهشتگرد حملا ڀارتي ايجنسي جي سرپرستي ۾ ٿي رهيا آهن هن حملن کي پاڪستان خلاف سڌي ريت ڪارروائي قرار ڏنو ۽ چيو ته ڀارت دهشتگردي جي ڪارروائين ذريعي پاڪستان ۾ آمريڪي سيڙپڪاري کي روڪڻ چاهي ٿو سک اڳواڻ چيو ته ڀارت جو مقصد دهشتگردي ذريعي پاڪستان کي غير مستحڪم ڪرڻ آهي ڀارتي فوجين ۽ پيرا ملٽري اهلڪارن پاران علائقي ۾ گڏيل آپريشن اڃا به جاري آهي هو آمريڪا ۾ خالصتان تحريڪ جي سرگرم شخصيت آهي ۽ 2009ع کان سکس فار جسٽس (ايس ايف جي) جي جنرل ڪائونسلر طور خدمتون انجام ڏئي رهيو آهي

بقايا 16 فوت

وئي جنهن کان پوءِ کيس جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي عورت ڄاول ٻار سميت فوت ٿي وئي فوت ٿيل عورت جي سڃاڻپ ماڻيا زال چمن گل جوکيو جي نالي سان ٿي آهي وارثن الزام لڳايو آهي ته ميمڻ ڳوٺ ۾ نجي اسپتال جي عملي جي سخت لاپرواهي سبب ماءُ ۽ ٻار جي قيمتي جان ضايع ٿي واقعي کان پوءِ نجي اسپتال جو عملو اسپتال ڇڏي فرار ٿي ويو جڏهن ته فوتگي جي خبر ملندي ئي وارثن ۾ روڄ راڙو مچي ويو ۽ هنن انصاف جو مطالبو ڪيو اطلاع ملڻ تي ميمڻ ڳوٺ ٿاڻي جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي وئي ۽ صورتحال کي ضابطي ۾ آندو پوليس موجب واقعي جي جاچ شروع ڪئي وئي آهي ۽ وارثن جي درخواست تي قانوني ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي وارثن مطالبو ڪيو آهي ته ذميوار ڊاڪٽرن ۽ عملي خلاف سخت قانوني قدم کنيا وڃن ته جيئن مستقبل ۾ اهڙا واقعا پيش نه اچن

گورنمينٽ آف سنڌ
اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ
ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيس (لٽريسي) سکر سنڌ
عهدا خالي آهن

ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر (لٽريسي) سکر، اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ ۾ هيٺ ڄاڻايل خالي جاين لاءِ هر هڪ عهدي سامهون ڏيکاريل لياقت ۽ تجربي موجب اهل اميدوارن لاءِ ڊسٽرڪٽ سکر جو ڊوميسائل رکندڙ اهل اميدوارن کان هن اشتهار جي اشاعت جي 15 ڏينهن اندر درخواستون گهرائجن ٿيون.

سيريل نمبر	عهدي جو نالو	اسڪيل/ بي پي ايس	عهدن جو تعداد	تعليم / لياقت	عمر
01	جونيئر ڪلارڪ (بي پي ايس-11)	11	01	i. هائير ايجوڪيشن ڪميشن (HEC) پاران تسليم ٿيل ڪنهن به يونيورسٽي مان گهٽ ۾ گهٽ سيڪنڊ ڊويزن ۾ گريجوئيشن. ii. سنڌ بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن/ٽريڊ ٽيسٽنگ بورڊ پاران تسليم ٿيل اداري مان ايم ايس آفيس ۾ ڇهه (06) مهينا سرٽيفڪيٽ ڪورس.	21-28

نوٽ جيڪي اميدوار هيٺ ڏنل گهرجن کي پورو ڪن ٿا، اهي سنڌ حڪومت جي جاب پورٽل https://sjp.gos.pk تي مٿي ذڪر ڪيل خالي جاين لاءِ درخواست ڏين.

i. اميدوارن کي سکر آئي بي اي ٽيسٽنگ سروسز (ايس ٽي ايس) پاران ڪيل گريجوئيشن ڪيٽيگري جي جنرل اسڪريننگ ٽيسٽ کي گهٽ ۾ گهٽ 40 سيڪڙو نمبرن سان ڪاميابي سان پاس ڪيو هوندو ۽ مٿي ذڪر ڪيل پوسٽن تي مقرري لاءِ گهربل ايس ٽي ايس پاران جاري ڪيل ان جو سرٽيفڪيٽ هجڻ گهرجي.
ii. درخواست ڏيندڙن جي عمر درخواست جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ کان هوندي جيئن سنڌ سول سرونٽس (مقرري عمر جي حد ۾ رعايت) ضابطو 2024 جي ضابطي-7 تحت مهيا ڪيل آهي. جڏهن ته، مقرري عمر جي رعايت جي حد 5 سال هوندي جيئن سروسز جنرل ايڊمنسٽريشن ۽ ڪوآرڊينيشن ڊپارٽمينٽ جي نوٽيفڪيشن نمبر-SOII (S&GACD)5-64/2011(Part-II) تاريخ: 06.03.2025 ۾ مهيا ڪيل آهي.
iii. شروعاتي مقرري لاءِ رکيل ڪوٽا جو حصو سنڌ حڪومت جي قانون/ضابطن/ پاليسي جي مطابق عمل ڪيو ويندو
iv. اهي درخواست ڏيندڙ جيڪي اڳ ۾ ئي سرڪاري نوڪري ۾ آهن. انهن کي درخواست جمع ڪرائڻ کان اڳ پنهنجي کاتي کان اين او سي حاصل ڪرڻ گهرجي ۽ ڊپارٽمينٽل سليڪشن ڪميٽي اڳيان جمع ڪرائڻ لاءِ انٽرويو جي وقت اين او سي جي اصل ڪاپي آڻڻ گهرجي
v. مقرري سنڌ حڪومت پاران 26.04.2023 تي نوٽيفائي ڪيل پاليسي ۽ سنڌ سول سرونٽس ايڪٽ، 1973 ۽ ان جي ضابطن جي رولز جي مطابق ڪئي ويندي. جيئن وقت بوقت ترميم ڪئي ويندي.
vi. درخواست ڏيندڙن کي جاب پورٽل تي اپلوڊ ڪيل شيڊيول مطابق انٽرويو لاءِ اصل دستاويزن سان گڏ ڊپارٽمينٽل سليڪشن ڪميٽي اڳيان پيش ٿيڻ گهرجي.
vii. انٽرويو لاءِ ڪو به ٽي اي ۽ ڊي اي قابل قبول نه هوندو

ڊسٽرڪٽ آفيسر ايجوڪيشن
(لٽريسي)، سکر سنڌ

INF-KRY.NO.0425/2026

iWORK FOR SINDH JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT
www.iwork4sindh.com

شعبن ۾ تعاون کي فروغ ملي رهيو آهي. هڪ ارب ڊالر جو واپاري هدف حاصل ڪرڻ لاءِ گڏجي اڳتي وڌنداسين پاڪستان سان مختلف شعبن ۾ تعاون وڌائڻ لاءِ پرعزم آهيون ٽرانزٽ ٽريڊ، ڪراچي ۽ گوادر بندرگاهن جي استعمال تي به ڳالهه ٻولهه ٿي ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ هوائي رابطا پڻ وڏي اهميت وارا آهن قازقستان جي صدر چيو ته پيداواري شعبي ۾ پاڪستان کي پروڊڪشن پلانٽ هڻڻ جي دعوت ڏيون ٿا، اسلامي فنانس ۾ به پاڪستان جو اهم مقام آهي اسلامي فنانسنگ جي شعبي ۾ تعاون ۾ اضافو چاهيون ٿا، سائنس، تعليم ۽ ٻين شعبن ۾ تعاون وڌائڻ تي اتفاق ڪيو آهي. هن چيو ته اسان ڳالهين ذريعي مسئلن جي حل تي يقين رکون ٿا، هي دورو ٻنهي ملڪن جي لاڳاپن ۾ هڪ نئين باب جي شروعات آهي، قازقستان پاڪستاني سيڙپڪارن کي ڪاروبار جي لاءِ پرڪشش موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي.

بقايا 10 ملاقات

پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سان چيئرمين سيڪيورٽيز اينڊ ايڪسچينج ڪميشن آف پاڪستان (ايس اي سي پي) ڊاڪٽر ڪبير احمد سڌو ڪالهه اربع ڏينهن ملاقات ڪئي نائب وزيراعظم جي آفيس پاران جاري بيان موجب نائب وزيراعظم اسحاق ڊار ڊاڪٽر ڪبير احمد سڌو جي لاءِ سندس نئين ذميواري سنڀالڻ تي نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ملاقات دوران ريگيوليٽري نظام کي وڌيڪ موثر بڻائڻ، مارڪيٽ جي ترقي کي اڳتي وڌائڻ ۽ هڪ مضبوط ۽ شفاف ڪيپيٽل مارڪيٽ جي فروغ سان لاڳاپيل معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي.

بقايا 11 نقاب ڪشائي

جومارت ٽوڪائيوف قازقستان-پاڪستان اسپورٽس سينٽر دوستيڪ ۽ يونيورسٽين جي وچ ۾ ڪن مرڪزن جي قيام لاءِ يادگاري تختين جي نقاب ڪشائي ڪئي ان سلسلي ۾ اربع ڏينهن هتي وزيراعظم هائوس ۾ هڪ تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ قازقستان جي صدر قاسم جومارت ٽوڪائيوف راندين ۽ تعليم سان لاڳاپيل ڪن مرڪزن جي قيام لاءِ ٻن يادگاري تختين جي نقاب ڪشي ڪئي وئي انهن مرڪزن جي قيام جو مقصد تعليم ۽ راندين جي ميدان ۾ تعاون کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ آهي ان کانسواءِ تعليم جي شعبي ۾ ٻنهي ملڪن جي تعليمي ادارن ۽ شاگردن جي وچ ۾ تعاون کي فروغ ڏيڻ لاءِ ڪن مرڪزن جي قيام لاءِ هڪ يادگاري تختي جي به نقاب ڪشي ڪئي وئي تعليم جي شعبي ۾ ڪن يونيورسٽين جي گڏيل تعاون سان ٽيڪنيڪل ريسرچ سينٽر جي قيام کانسواءِ احمد ياساوي ريسرچ سينٽر ۽ الفارابي سينٽر به قائم ڪيو ويندو

بقايا 12 وڏو وزير

ان استقبال ڪيو ان موقعي تي ورلڊ بئنڪ جي صدر سنڌ پيپلز هائوسنگ فار فلڊ افيڪٽيز (SPHF)پروگرام تحت تعمير ڪيل گهرن جو معائنو ڪيو ۽ منصوبي تي اطمينان جو اظهار ڪيو سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ميڊيا کي ٻڌايو ته سنڌ حڪومت ۽ ورلڊ بئنڪ جي سهڪار سان ڳوٺ بهاول جت ۾ 145 ٻوڏ متاثر گهرن جي تعمير نو ڪئي وئي آهي جن مان 83 سيڪڙو گهرن جا مالڪاڻا حق عورتن کي ڏنا ويا آهن. هن چيو ته سنڌ ۾ عورتن کي بااختيار بڻايو پيو وڃي ۽ سماجي شموليت کي وڌيڪ هٿي ملي رهي آهي هن چيو ته ٻوڏ متاثرن لاءِ 21 لک گهرن جي تعمير سنڌ حڪومت ۽ ورلڊ بئنڪ جو تاريخي قدم آهي ۽ سنڌ ۾ دنيا جي سڀ کان وڏين بحالي ڪوششن مان هڪ جاري آهي. هن وڌيڪ چيو ته هي پروگرام هنگامي امداد مان نڪري هڪ جامع بحالي ماڊل بڻجي چڪو آهي جنهن ۾ ڪميونٽيز کي مرڪزي ڪردار ڏنو ويو آهي ورلڊ بئنڪ جي صدر اجي بنگا چيو ته هي دنيا جو سڀ کان وڏو ڪميونٽي قيادت وارو هائوسنگ پروگرام آهي، جنهن تحت هر خاندان پاڻ گهر تعمير ڪري ٿو آمدني ڪميونٽي اندر رهي ٿي ۽ مقامي مزدورن کي روزگار ملي ٿو. هن ٻڌايو ته ورلڊ بئنڪ هن منصوبي لاءِ 950 ملين ڊالر جي مالي مدد فراهم ڪئي آهي دوري دوران اجي بنگا مقامي ماڻهن ۽ عورتن سان ملاقات ڪئي ڪميونٽي سينٽر ۾ هٿ جي هنر سان تيار ڪيل شيون ڏٺيون ۽ ڳوٺ ۾ يادگار طور امرود جو ٻوٽو به پوکيو. آخر ۾ عورتن ۾ مالڪاڻا حقن جون سندون پڻ ورهايون ويون هوڏانهن ورلڊ بئنڪ جي صدر اجي بانگا، سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان گڏ تاريخي ماڳ موهن جو دڙو جو دورو پڻ ڪيو جڏهن ته دوري دوران وفد کي موهن جو دڙو جي تحفظ، بحالي ۽ سنڌ ۾ ورلڊ بينڪ جي سهڪار سان هلندڙ ترقياتي منصوبن بابت آگاهي ڏني وئي ان موقعي تي لاڳاپيل عملدارن ثقافتي ورثي جي حفاظت لاءِ ڪيل قدمن تي تفصيلي بريفنگ ڏني.

بقايا 13 محروم رکيو ويو

۽ اٽل حمايت جي عزم جو ورجاءُ ڪندي چيو آهي ته جمون ۽ ڪشمير جو تڪرار گڏيل قومن جي ايجنڊا تي پراڻي حل طلب تڪرارن ۾ شامل آهي 8 ڏهاڪن کان ڀارت جي هٺ ڌرمي جي ڪري ڪشميري عوام کي بنيادي حق کان محروم رکيو پيو وڃي، اهو ڏينهن پري نه آهي جڏهن جمون ۽ ڪشمير جي عوام ڀارتي قبضي جون زنجيرون ٽوڙي خوف کان آزاد مستقبل ۾ پنهنجون زندگيون گذاريندي ڪالهه اربع ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران ڪشمير يڪجهتي ڏهاڙي جي موقعي تي جاري پنهنجي پيغام ۾ وزيراعظم چيو ته هر سال 5 فيبروري تي ڪشمير يڪجهتي ڏهاڙو ملهايو ويندو آهي هي ڏينهن ان عزم جي تجديد جو موقعو آهي ته پاڪستان جي عوام حڪومت پنهنجي ڪشميري ڀائرن ۽ ڀينرن جي خودمختياري جي حق جي منصفاڻي جدوجهد ۾ انهن جي اصولي ۽ اٽل حمايت جاري رکندو هن چيو ته جمون ۽ ڪشمير جو تڪرار گڏيل قومن جي ايجنڊا تي موجود پراڻي حل طلب تڪرارن مان هڪ آهي انهن سالن دوران گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي ڪيترين قراردادن بنا ڪنهن شڪ جي ان حقيقت کي تسليم ڪيو آهي ته جمون ۽ ڪشمير هڪ تڪراري خطو آهي ۽ ان جي حتمي مستقبل جو فيصلو ڪشميري عوام جي خواهشن موجب هڪ آزاد ۽ غيرجانبدار ريفرنڊم جي ذريعي ڪرڻو آهي جڏهن ته اٽڪل 8 ڏهاڪن کان ڀارت جي هٺ ڌرمي جي ڪري ڪشميري عوام کي ان بنيادي حق کان محروم رکيو پيو وڃي هن چيو ته ڏهاڪن جي رتوڇاڻ ظلم ۽ ڏاڍ جي باوجود والاريل جمون ۽ ڪشمير اڄ به وڏي فوجي موجودگي، مڪمل ڏاڍ ۽ سنگين انساني حقن جي خلاف ورزين جو ڳڙهه بڻيل آهي، سياسي نظربندين، حقيقي سرگرمين جو گلو دٻائڻ ۽ ميڊيا تي سخت پابندين والاريل جمون ۽ ڪشمير ۾ اختلاف راءِ کي دٻائڻ ڀارت جا معمول جا حربا بڻجي چڪا آهن هن چيو ته 5 آگسٽ 2019ع تي ڀارت غيرقانوني ۽ هڪطرفي انتظامي ۽ قانوني قدمن جو هڪ اهڙو سلسلو شروع ڪيو جنهن جو مقصد والاريل جمون ۽ ڪشمير تي پنهنجي جبري قبضي کي مضبوط بڻائڻ هو اهي قدم نه رڳو گڏيل قومن جي چارٽر جي خلاف ورزي آهن پر لاڳاپيل سلامتي ڪائونسل جي قراردادن ۽ چوٿين جنيوا ڪنوينشن جي پڻ واضح نفي ڪن ٿا، آبادي جي تناسب ۾ زبردستي مصنوعي تبديلي يا ڪشمير جي قانوني ۽ انتظامي حيثيت کي بدلائڻ جي ڀارت جي اها ڪوشش ان کي ان جي عالمي ذميوارين کان آجو نٿي ڪري سگهي ۽ نه ئي ڪشميري عوام جي ختم نه ٿيڻ جوڳي حق کي ڪمزور ڪري سگهي ٿي هن چيو ته والاريل جمون ۽ ڪشمير ۾ ڀارت جا غيرقانوني قدم هندتوا نظريي تحت آهن جن جو مقصد امتيازي سلوڪ کي معمول بڻائڻ، مذهبي آزادين کي محدود ڪرڻ ۽ اختلاف راءِ کي ڏوهه قرار ڏيڻ آهي والاريل جمون ۽ ڪشمير ۾ مسجدن ۽ انهن جي انتظامي ڪميٽين جي مسلسل نگراني مذهبي آزادي جي حق جي سنگين خلاف ورزي آهي ۽ مسلمان آبادي کي درپيش امتيازي سلوڪ جي واضح عڪاسي ڪري ٿي هن چيو ته افسوسناڪ طور تي ڀارتي قبضو هاڻي رڳو عسڪري ڏاڍ تائين محدود ناهي رهيو پر ان نظرياتي ڏاڍ جي شڪل اختيار ڪري ورتي آهي جنهن جو مقصد هڪ پوري قوم کي خاموش ۽ بي اختيار بڻائڻ آهي ڏهاڪن جي ظلم ۽ ڏاڍ جي باوجود بهادر ۽ ثابت قدم ڪشميري عوام پنهنجي جائز امنگن تان هٿ کڻڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي پاڪستان انهن جي بي مثال جرئت، حوصلي ۽ قربانين کي سلام پيش ڪري ٿو هن چيو ته پاڪستان جي وزيراعظم جي حيثيت سان مون گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي سميت هر عالمي فورم تي ڪشميري عوام جي خودمختياري جي حق جي ڀرپور ۽ مسلسل وڪالت ڪئي

پاڪستان ڪشميري عوام کي سندن جدوجهد ۾ ڪڏهن به اڪيلو نه ڇڏيندو يوم يڪجهتي ڪشمير جي موقعي تي پنهنجي خاص پيغام ۾ هن چيو ته ڪشميري عوام گذريل ڪيترن ئي ڏهاڪن کان آزادي، عزت ۽ خود ارادي واري حق لاءِ بي مثال قربانيون ڏئي رهي آهي، جمون ڪشمير ۾ جاري ڀارتي رياستي ڏاڍ، عدالت کان ماورائي قتل، غير قانوني گرفتاريون، آبادي جي شرح بدلائڻ جون ڪوششون ۽ انساني حقن جون سنگين ڀڃڪڙيون عالمي ضمير جي جاڳائڻ لاءِ ڪافي آهن ان جي باوجود عالمي برادري جي خاموشي هڪ فڪر جو لمحو آهي سيدال خان چيو ته سينيٽ ڪشميري عوام جي آواز بڻجي هر فورم تي سندن خود ارادي واري حق جي حمايت ڪندو آيو آهي ۽ آئنده به ڪندو رهندو، پاڪستان ڪشميري عوام جي منصفاڻي جدوجهد کي گڏيل قومن جي قراردادن، عالمي قانونن ۽ انساني قدرن جي روشني ۾ جائز سمجهي ٿو اسان عالمي برادري خاص ڪري گڏيل قومن ۽ انساني حقن جي عالمي ادارن کان مطالبو ڪريون ٿا ته هو جمون ڪشمير ۾ جاري ظلمن جو نوٽيس وٺندي پنهنجون ذميواريون پوريون ڪري وقتي چيئرمين چيو ته يوم يڪجهتي ڪشمير حقيقت ۾ پاڪستاني عوام جي ان اجتماعي شعور ۽ قومي غير جو ثبوت آهي جيڪو هر مشڪل گهڙي ۾ ڪشميري عوام سان گڏ نظر اچي ٿو قدرتي آفتون هجن يا انساني بحران، پاڪستان جي عوام حڪومت ۽ پاڪ فوج هميشه ڪشميري ڀائرن ۽ ڀينرن سان گڏ عملي يڪجهتي جو ثبوت ڏنو آهي هن چيو ته ڪشمير مسئلي تي پاڪستان اندر سياسي اختلاف ڪڏهن آڏا ناهن آيا، هي اهڙو قومي مسئلو آهي جنهن تي پاڪستان جون سموريون سياسي پارٽيون، پارليامينٽ، پاڪ فوج ۽ عوام هڪ آواز آهن. ڪشمير مسئلي جو منصفاڻو ۽ پائيدار حل خطي ۾ ڊگهي امن لاءِ ضروري آهي.

بقايا 7 شهيد

ڪشمير ميڊيا سروس موجب ڀارتي فوجين ۽ پيرا اسپيشل فورسز جي اهلڪارن نوجوانن کي ضلع جي علائقي مجلتا ۾ گهيراءُ ۽ ڳولا جي پرتشدد ڪارروائي دوران شهيد ڪيو ڀارتي آفيسر ٻن نوجوانن جي مارڻ جي تصديق ڪندي چيو ته ڀارتي فوجين ۽ پيرا ملٽري اهلڪارن پاران علائقي ۾ گڏيل آپريشن اڃا به جاري آهي.

بقايا 8 بلاول ڀٽو

ڏهاڪن کان جاري ڀارتي بربريت ۽ سنگين انساني حقن جي خلاف ورزين باوجود ڪشميري عوام جو حوصلو ناقابل تسخير آهي ۽ سندن آزادي جي جائز جدوجهد کي ڪڏهن به ڪمزور نه ڪري سگهيو آهي. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته پاڪستاني عوام جا دل پنهنجن ڪشميري ڀائرن ۽ ڀينرن سان گڏ ڌڙڪن ٿا. پ پ چيئرمين چيو ته قائدعوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ويزن کي اڳتي وڌائيندي شهيد محترمه بينظير ڀٽو پنهنجي دور حڪومت ۾ 5 فيبروري کي يوم يڪجهتي ڪشمير قرار ڏنو جيئن ڪشمير جي آزادي جي جدوجهد ۾ جانيون قربان ڪندڙ شهيدن کي به خراج عقيدت پيش ڪري سگهجي هن زور ڏنو ته عالمي برادري جي مسلسل خاموشي جمهوري اقدار ۽ عملي روين جي وچ ۾ فرق واضح ڪري ڇڏيو آهي ۽ عالمي برادري تي زور ڏنو ته هو بين الاقوامي قانونن ۽ اقوام متحده جي قراردادن تحت ڪشميري عوام جي بنيادي حقن جي تحفظ لاءِ پنهنجون اخلاقي ۽ قانوني ذميواريون نڀائي بلاول ڀٽو زرداري پ پ پاران ڪشميري عوام جي غيرمتزلزل حمايت جو اعادو ڪندي چيو ته جماعت ڪشميري عوام جي آزادي، وقار ۽ انصاف جي حصول تائين هر فورم تي سندن آواز بلند ڪندي رهندي هن چيو ته هاڻي دنيا جي ڪا طاقت مقبوضه ڪشمير جي عوام کي سندن منزل حاصل ڪرڻ کان روڪي نٿي سگهي.

بقايا 9 صحيحون

هدف آهي. گڏيل ڪوشش سان اقتصادي ۽ واپاري تعاون جا هدف حاصل ڪنداسين. مختلف شعبن ۾ تعاون جا معاهدا ۽ مفاهمت جون ياداشتون ٻطرفي لاڳاپن کي وڌائڻ جي عزم جا عڪاس آهن اسٽريٽجڪ پارٽنرشپ جو معاهدو انتهائي اهميت جوڳو آهي ٻئي ملڪ غزه امن بورڊ جا ميمبر پڻ آهن دعا آهي ته غزه ۾ مستقل امن ۽ خوشحالي اچي، جڏهن ته قازقستان جي صدر قاسم جومارت ٽوڪائيوف چيو ته پاڪستان قازقستان جو هڪ قابل اعتماد دوست ۽ اسٽريٽجڪ پارٽنر آهي. ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ واپار ۽ معيشت سميت مختلف شعبن ۾ تعاون کي فروغ ملي رهيو آهي هڪ ارب ڊالر جو واپاري هدف حاصل ڪرڻ لاءِ گڏجي اڳتي وڌنداسين، خطي ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ پاڪستان جون ڪوششون ساراهه جوڳيون آهن. دفاع جي شعبي ۾ پڻ پاڪستان جي ترقي عالمي سطح تي تسليم ڪئي وڃي ٿي، پاڪستان سان مختلف شعبن ۾ تعاون وڌائڻ لاءِ پرعزم آهيون پاڪستاني سيڙپڪارن کي پرڪشش ڪاروباري موقعا فراهم ڪنداسين. ٻوٽن جي تحفظ ۽ جانورن جي بيمارين جي شعبن ۾ تعاون، مصنوعي ذهانت ۽ ڊجيٽل ترقي جي شعبن ۾ تعاون تي مفاهمت جي ياداشت، صحت جي شعبي ۾ تعاون جي مفاهمت جي ياداشت، اي پي پي ۽ قازقستان جي سرڪاري ڪي وي جي وچ ۾ تعاون جا معاهدا، موسمياتي تبديلي جي شعبن ۾ تعاون جا معاهدا، اعليٰ تعليم جي شعبن ۾ مفاهمت جي ياداشت، مالي انتظام ۽ بينڪنگ جي شعبن ۾ مفاهمت جي ياداشت، ثقافت جي شعبن ۾ تعاون جا معاهدا، لاجسٽڪ جي شعبي ۾ به تعاون جا معاهدا، ريلوي ۽ اٿائن جي شعبي ۾ تعاون جي معاهدي، بندرگاهن جي شعبي سميت مختلف شعبن ۾ تعاون کي فروغ ڏيڻ لاءِ 19 مفاهمت جي ياداشتن ۽ معاهدن جي دستاويزن جي مٽاسٽا ڪئي وئي وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ قازقستان جي صدر قاسم جومارت ٽوڪائيوف هڪ گڏيل پڌرنامي تي صحيحون ڪيون ان موقعي تي ڳالهائيندي وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو ته اسان پنهنجي پياري صدر قاسم جومارت ٽوڪائيوف ۽ سندس وفد کي پاڪستان جي دوري تي ڀليڪار چئون ٿا، هي دورو ٻنهي ملڪن جي لاڳاپن کي هڪ نئون رخ ڏيڻ لاءِ تمام اهم آهي. قازقستان جي ڪنهن به صدر جو 23 سالن کانپوءِ پاڪستان جو پهريون دورو آهي. صدر قاسم جومارت ٽوڪائيوف سان لاڀائتي ۽ مثبت ڳالهه ٻولهه ٿي وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو ته طئه ٿيندڙ مفاهمت جي ياداشتن ۽ معاهدن تي عمل درآمد لاءِ پرعزم آهيون معاهدن جي حقيقت جو روپ اختيار ڪرڻ سان معاشي ۽ ثقافتي تعاون ۾ اضافو ٿيندو، صدر قاسم جومارت ٽوڪائيوف جي لاءِ نشان پاڪستان جو اعزاز ڏيڻ ويجهن لاڳاپن جو عڪس آهي. هن چيو ته غزه ۾ امن جي بحالي ۽ نئين سر تعمير لاءِ بورڊ آف پيس هڪ اهم فورم آهي، پاڪستان ۽ قازقستان پڻ غزه امن بورڊ جا ميمبر آهن اهي دعاڳو آهيون ته غزه ۾ مستقل امن ٿئي ۽ خوشحالي اچي وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو ته ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ واپاري ساٿي ۾ اضافي جا ڪيترائي موقعا آهن هڪ سال ۾ ٻطرفي واپار کي هڪ ارب ڊالر تائين پهچائڻ جو هدف آهي گڏيل ڪوشش سان اقتصادي ۽ واپاري تعاون جا هدف حاصل ڪنداسين، پاڪستان ۽ قازقستان توانائي جي شعبي ۾ به تعاون کي وڌيڪ فروغ ڏئي سگهن ٿا. هن چيو ته مختلف شعبن ۾ تعاون جا معاهدا ٻطرفي لاڳاپن کي وڌائڻ جي عزم جي عڪاسي ڪن ٿا، پائيداري کي ڏيندي تعاون جا نوان رستا کولڻ لاءِ پرعزم آهيون، ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ طئه ٿيل معاهدا ٻطرفي لاڳاپن تي ڏور رس اثر وجهندا، پاڪستان ۽ قازقستان جي وچ ۾ اسٽريٽجڪ پارٽنرشپ جو معاهدو انتهائي اهميت جوڳو آهي ان موقعي تي قازقستان جي صدر قاسم جومارت ٽوڪائيوف چيو ته ڀرپور استقبال ۽ شاندار مهمان نوازي تي پاڪستان جي حڪومت ۽ عوام جا ٿورائتا آهيون دوست ملڪ پاڪستان جي دوري سان وڏي خوشي ٿي آهي پاڪستان قازقستان جو هڪ قابل اعتماد دوست ۽ اسٽريٽجڪ پارٽنر آهي، ٻئي ملڪ گڏيل قدرن ۽ روايتن جا امين آهن گڏيل اعلان ۽ معاهدا ٻطرفي لاڳاپن جي حوالي سان اهميت جوڳا آهن هن چيو ته ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ لاڳاپا مضبوط ڪرڻ ۾ وزيراعظم محمد شهباز شريف جي اهم ڪردار کي مڃون ٿا، خطي ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ پاڪستان جون ڪوششون ساراهه جوڳيون آهن دفاعي شعبي ۾ پڻ پاڪستان جي ترقي عالمي سطح تي تسليم ڪئي وڃي ٿي وزيراعظم محمد شهباز شريف سان تمام گهڻي مثبت لاڀائتي ڳالهه ٻولهه ٿي هن چيو ته ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ واپار ۽ معيشت جي

بجيٽ جون پابنديون ۽ عوامي بي اعتمادي شامل آهن. پارليامينٽن جي ڪردار کي وڌيڪ اهم بڻائي ڇڏيو آهي هن چيو ته وڏين طاقتن جي ٽڪراءَ ۾ ننڍا ۽ ڪمزور ملڪ وڌيڪ متاثر ٿين ٿا، تنهن ڪري لچڪ (ريزيلينس) انتهائي ضروري آهي، جنهن ۾ ڪامن ويلٿ اهم ۽ مثبت ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو هن زور ڏنو ته پارليامينٽن کي صرف تقريرن تائين محدود نه رهڻ گهرجي، پر عملي نتيجن ۽ اثرائتي عملدرآمد تي ڌيان ڏيڻ گهرجي، خاص طور تي 2030ع جي پائيدار ترقياتي هدفن جي حاصلات لاءِ هن صحت، تعليم، صاف پاڻي ۽ صفائي، عدم مساوات ۾ گهٽتائي، پائيدار شهرن، موسمياتي قدمن ۽ زميني ۽ آبي حيات جي تحفظ تي خاص ڌيان ڏيڻ جي سفارش ڪئي. پال ياو بوٽنگ چيو ته پارليامانِي ڪميٽين کي مضبوط ڪرڻ، شفاف نگراني ۽ حڪومتي ڪارڪردگي کي يقيني بڻائڻ انتهائي ضروري آهي هن مصنوعي ذهانت ۽ بلاڪ چين کي بدعنواني جي خاتمي، شفافيت وڌائڻ، عوامي ماليات ۽ سرڪاري خدمتن ۾ اعتماد بحال ڪرڻ جا اثرائتا ذريعا قرار ڏنو هن وڌيڪ چيو ته نئين ٽيڪنالاجي ذريعي نوجوانن کي پارليامانِي عمل سان ڳنڍڻ ضروري آهي ته جيئن ڊجيٽل خال گهٽجي سگهي. صاف پاڻي ۽ صفائي کي هن ذاتي، سماجي ۽ سياسي سطح تي انتهائي اهم قرار ڏنو خاص طور تي عورتن ڇوڪرين جي تعليم ۽ صنفي برابري لاءِ. خطاب جي آخر ۾ پال ياو بوٽنگ اتحاد، عملي قدم ۽ ڪامن ويلٿ جي گڏيل سهڪار کي هٿي ڏيڻ جي اپيل ڪئي ۽ قائداعظم محمد علي جناح جي قول جو حوالو ڏيندي چيو ته اتحاد جي شمع اونداهن رستن کي روشن ڪري سگهي ٿي ملائيشيا جي ڪيلانٽن اسٽيٽ ليجسليٽو اسيمبلي جي اسپيڪر داتو سري امار دراجه ڊاڪٽر حاجي محمد امار بن عبدالله چيو آهي ته سٺين سي پي اي ايشيا ريجنل ڪانفرنس ۽ ٻي گڏيل ايشيا ۽ ڏکڻ اوڀر ايشيا ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ سندس لاءِ اعزاز جي ڳالهه آهي هن پاڪستان جي پارليامينٽ، سنڌ اسيمبلي ۽ سي پي اي ايشيا سيڪريٽريٽ جي مهمان نوازي ۽ بهترين انتظامن تي ٿورا مڃيا. داتو سري امار چيو ته هي ڪانفرنس ايشيائي ملڪن جي اسپيڪرن ۽ پارليامينٽرينز لاءِ تجربن جي ڏي وٺ، بهترين روايتن کي سکڻ ۽ پارليامانِي جمهوريت کي مضبوط ڪرڻ جو اهم پليٽ فارم آهي اسپيڪر چيو ته پارليامينٽون ۽ رياستي اسيمبليون اهي بنيادي فورم آهن جتي عوامي نمائندا قوم ۽ عوام جي خدمت لاءِ خيالن جو اظهار ۽ قانون سازي ڪن ٿا. هن اسپيڪر جي ڪردار کي انتهائي اهم قرار ڏيندي چيو ته اسپيڪر جي ذميواري آهي ته هر ميمبر کي بنا ڪنهن خوف ۽ امتياز جي ڳالهائڻ جو حق ملي داتو سري امار اسپيڪر کي جج سان تشبيهه ڏيندي چيو ته اسپيڪر کي حڪومت ۽ اپوزيشن ٻنهي جون ڳالهيون هڪجهڙي توجهه سان ٻڌڻ گهرجن ۽ ذاتي يا سياسي تعصب کان مٿاهون رهڻ گهرجي. هن چيو ته غير جانبداري ۽ انصاف سان پارليامانِي بحثن جو معيار بلند ٿئي ٿو جنهن سان بهتر فيصلا ۽ عوام جي فائدي وارا نتيجا سامهون اچن ٿا هن وڌيڪ چيو ته پارليامينٽ رڳو ضابطن جو هنڌ ناهي پر اها قوم جو ضمير آهي جتي پاليسين تي بحث، اختلافن جو حل ۽ مستقبل جي رخ جو تعين ڪيو ويندو آهي داتو سري امار زور ڏنو ته اسپيڪر جو عهدو رسمي ناهي پر اهو ادارن جي وقار، انصاف ۽ نظم و ضبط جو ضامن آهي خطاب جي آخر ۾ هن اميد ظاهر ڪئي ته هي ڪانفرنس موجوده چيلينجن کي منهن ڏيڻ ۽ پارليامانِي ڪردار کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ ۾ مثبت ڪردار ادا ڪندي.

بقايا 5 مالديپ جو ڊپٽي اسپيڪر

جي پيپلز مجلس جي ڊپٽي اسپيڪر احمد ناظم خطاب ڪندي چيو آهي ته امن رڳو جنگ جي غير موجودگي جو نالو ناهي پر اهو تڏهن ممڪن ٿئي ٿو جڏهن شهرين کي جمهوري ادارن تي مڪمل اعتماد هجي هن چيو ته امن ۽ جمهوري اعتماد هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن ۽ شفاف، جامع ۽ جوابده ادارا جٽادار امن لاءِ بنيادي حيثيت رکن ٿا. ادارن تي اعتماد گهٽجڻ سان سماج ۾ ورڇ، بيچيني ۽ آمريت جا لاڙا وڌن ٿا. جيڪو ڏکڻ ايشيا جهڙن علائقن لاءِ وڏو چيلينج آهي. احمد ناظم چيو ته پارليامينٽون رڳو قانون ساز ادارا ناهن پر اهي مفاهمت، ڳالهه ٻولهه ۽ اتفاق راءِ جا اهم فورم پڻ آهن هن ٻڌايو ته مالديپ 2008ع ۾ پرامن طريقي سان گهڻ پارٽي جمهوريت ڏانهن منتقل ٿيو جتي نئين آئيني پارليامينٽ (پيپلز مجلس) کي حڪمراني ۽ نگراني جو مرڪز بڻايو ويو ڊپٽي اسپيڪر موجب انساني حقن، پرامن اجتماع، صنفي برابري ۽ تشدد خلاف قانونن جمهوري اعتماد کي مضبوط ڪيو جڏهن ته آزاد ادارن جو قيام ۽ پارليامانِي نگراني اختيارن جي غلط استعمال کي روڪڻ ۾ اهم ثابت ٿي هن وڌيڪ چيو ته غيرمرڪزي نظام ۽ مقامي حڪومتن ذريعي عوامي شرڪت وڌي ۽ سماجي هم آهنگي کي هٿي ملي ڏکڻ ايشيا ۾ سياسي ورڇ، اڻبرابري ۽ اعتماد جي کوٽ گڏيل مسئلا آهن، پر جڏهن پارليامينٽون عوامي مسئلن جا حل پيش ڪن ٿيون ته اهي استحڪام جو ذريعو بڻجن ٿيون احمد ناظم زور ڏنو ته امن معاهدن کي پائيدار بڻائڻ لاءِ انهن کي قانوني ۽ آئيني شڪل ڏيڻ ضروري آهي ته امن زبردستي لاڳو نٿو ڪري سگهجي ۽ جمهوري اعتماد اعلانن سان نه پر عملي قدمن سان حاصل ڪيو ويندو آهي هن آخر ۾ چيو ته مضبوط، جامع ۽ جوابده پارليامينٽون مفاهمت ۽ پرامن جمهوريت لاءِ بنيادي حيثيت رکن ٿيون

بقايا 6 سيدال خان

دلين ۾ رهندڙ ان لازوال وابستگي جي علامت آهي جيڪا ڪشميري عوام سان پائيدار رشتي، همدردي ۽ پختي حمايت جي صورت ۾ هميشه قائم رهي آهي هي ڏينهن ان وچن کي ورجائڻ جو ڏينهن آهي ته

جي چيئرپرسن ڪرسٽوفر ڪليلا افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي چيو آهي ته ڪراچي اچي هو پاڻ کي ڪرسٽوفر ڪليلا بدران "ڪرسٽوفر خان" محسوس ڪري رهيو آهي جيڪو سنڌ ۽ پاڪستان جي مهمان نوازي جو واضح ثبوت آهي هن چيو ته پارليامانِي سڌارن ذريعي اقليتن، معذورن، عورتن ۽ ٻارن جي حقن لاءِ گڏيل طور ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي ڪرسٽوفر ڪليلا چيو ته ٽيڪنالاجي تيزي سان انساني زندگي بدلائي رهي آهي، جنهن سبب پاليسين کي به وقت جي تقاضائن مطابق تبديل ڪرڻ لازمي ٿي پيو آهي سي پي اي چيئرپرسن وڌيڪ چيو ته جمهوريت کي مضبوط ڪرڻ لاءِ پنهنجي جمهوري روايتن سان گڏ جدت کي اپنائڻو پوندو هن زور ڏنو ته اختلافن کي ٽڪراءَ بدران باهمي سهڪار ڳالهين ۽ مضبوط لاڳاپن ذريعي ختم ڪرڻ گهرجي. هن چيو ته سي پي اي جهڙا فورم ملڪن ۽ پارليامينٽن وچ ۾ ويجهڙائپ، تعاون ۽ جمهوري قدرن جي فروغ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا قومي اسيمبلي جي اسپيڪر اياز صادق سي پي اي ايشيا ڪانفرنس کي خطاب ڪندي چيو آهي ته اسان مختلف ڪردار ادا ڪريون ٿا، جتي صوبن جي رهنمائي ۾ قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ اهم مددگار ثابت ٿين ٿا. هن زور ڏنو ته پارليامانِي نظام ملڪ جي ترقي ۽ بهتري جو اهم سبب آهي اياز صادق چيو ته سنڌ اسيمبلي هن تاريخي ڪانفرنس جي ميزباني ڪري رهي آهي جيڪا هڪ تاريخي عمارت ۾ منعقد ٿي رهي آهي ۽ هتي جي ثقافت ۽ مهمان نوازي دل کي ڇهندڙ آهي هن ياد ڏياريو ته هن اسيمبلي جي تاريخي عمارت ۾ ملڪ جي قيام جو ٺهراءُ پاس ٿيو جڏهن ته ملڪ جي پهرين عورت وزيراعظم جيڪو عالم اسلام ۾ به پهرين آهي، هتان ڪان آهي هن چيو ته اڄ جو ڏينهن تاريخي اهميت رکي ٿو ۽ هي ڪانفرنس پارليامانِي نظام جي مضبوطي ۽ بهتر حڪمراني جا نوان رستا متعين ڪرڻ جو سبب بڻجي ٿي هن ٻڌايو ته ڪانفرنس ۾ نوجوان قيادتون پڻ شريڪ آهن جيڪي نوجوانن جي سياست ۽ پارليامانِي شراڪت جو مجموعو پيش ڪن ٿيون اياز صادق چيو ته بدقسمتي سان ڀارت جمهوري ملڪ هجڻ باوجود ڪشمير جي سرزمين تي غيرقانوني قبضي جاري رکيو آهي اسپيڪر چيو ته پاڪستان ۾ اسپيڪر جو ڪم منفرد ۽ مشڪل آهي جتي اسپيڪر کي سرڪار ۽ اپوزيشن ٻنهي کي برابر وقت ۽ موقعا ڏيڻا پون ٿا.

بقايا 3 شرجيل ميمڻ

شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته ڪامن ويلٿ پارليامانِي ايسوسيئيشن (سي پي اي) جهڙي اهم ڪانفرنس کي خطاب ڪرڻ سندس لاءِ اعزاز جي ڳالهه آهي. هن چيو ته دنيا هن وقت فيصلائڪن عالمي تبديلين جي دور مان گذري رهي آهي ۽ اهڙي صورتحال ۾ جمهوري ادارن جو ڪردار اڳ کان وڌيڪ اهم ٿي ويو آهي. سي پي اي ڪانفرنس کي خطاب ڪندي سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ بروقت ۽ بامقصد فورم جي انعقاد تي ڪامن ويلٿ پارليامانِي ايسوسيئيشن ۽ سنڌ صوبائي اسيمبلي کي خراج تحسين پيش ڪيو ۽ سنڌ صوبائي اسيمبلي جي اسپيڪر جي مدبرانه قيادت کي ساراهيندي چيو ته سندن رهنمائي هيٺ اسيمبلي پارليامانِي روايتن ۽ بين الاقوامي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻايو آهي. هن چيو ته سي پي اي ڪانفرنس جمهوري ڳالهه ٻولهه ۽ سٺي حڪمراني سان وابستگي جو واضح اظهار آهي جڏهن ته اڄ پارليامانِي جمهوريت کي اعتماد جي کوٽ، سياسي ورهاست ۽ ڊجيٽل ۽ ماحولياتي چيلينجز کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. سندس چوڻ هو ته "مستقبل جون پارليامينٽون" جي موضوع تي هي ڪانفرنس انتهائي بروقت ۽ ضروري آهي ڇو ته اعتماد جمهوريت جي بنياد آهي جيڪو شفافيت ۽ جوابدهي وسيلي وڌندو آهي. هن ٻڌايو ته سنڌ ۾ قانون سازي جي نگراني ۽ پارليامانِي شفافيت وڌائڻ لاءِ ڪيترائي قدم کنيا ويا آهن ۽ مضبوط پارليامينٽون ئي مضبوط جمهوريتن جي ضمانت هونديون آهن. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته عورتن جي شموليت کانسواءِ جمهوريت ڪمزور ٿي وڃي ٿي، ان ڪري سنڌ صوبائي اسيمبلي عورتن جي شموليت ۽ قيادت جي واڌ ويجهه لاءِ عملي قدم کنيا آهن. هن موجب شموليت ڪا چونڊ نه پر جمهوري ذميواري آهي. هن ماحولياتي تبديليءَ کي دور حاضر جو وڏو چيلينج قرار ڏيندي چيو ته سنڌ ٻوڏن، ڏڪار ۽ ماحولياتي زوال سبب انتهائي متاثر علائقو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ قانون سازي ۾ ماحولياتي مزاحمت کي انصاف ۽ انساني حقن سان جوڙيو ڏٺو پيو وڃي. هن چيو ته جدت مستقبل جي جمهوريت جي طرف طئي ڪندي ۽ ڊجيٽل ذريعا پارليامانِي شفافيت ۽ عوامي رابطن لاءِ نوان موقعا فراهم ڪن ٿا. سندس چوڻ موجب سنڌ ۾ جديد پارليامانِي نظام ۽ مصنوعي ذهانت بابت غور ويچار جي شروعات ٿي چڪي آهي. شرجيل انعام ميمڻ زور ڏيندي چيو ته امن جمهوري ڪوششن کي هڪ لڙي ۾ پروئي ٿو ۽ پارليامينٽن کي ڳالهه ٻولهه ۽ اتفاق راءِ جا مرڪز هجڻ گهرجن جڏهن ته سي پي اي جهڙا پليٽ فارمز امن ۽ علائقائي سهڪار لاءِ انتهائي اهم آهن. هن چيو ته هي ڪانفرنس جمهوري بحالي لاءِ گڏيل عزم جي علامت آهي ۽ ڪراچي چارٽر ڳالهه ٻولهه کي عملي قدمن ۾ بدلائڻ لاءِ رهنمائي فراهم ڪندو.

بقايا 4 برطانوي اڳواڻ

لارڊز) جي ميمبر پال ياو بوٽنگ سي پي اي ڪانفرنس کي خطاب ڪندي چيو آهي ته اعتماد جمهوريت جي بنياد آهي، جڏهن ته پارليامينٽون عوامي نمائندگي، جمهوري جواز ۽ ترقي جو مرڪزي ادارو آهن هن چيو ته اسان سڀ هتي ان لاءِ گڏ ٿيا آهيون ڇو ته پارليامينٽون واقعي اهم آهن ۽ علائقائي جوابده آهن پال ياو بوٽنگ چيو ته موجوده عالمي حالتون جن ۾ ماحولياتي بحران، جيو پوليٽيڪل ڇڪتاڻ، واپاري جنگيون

بقايا 1 سلامتي ڪائونسل

سلامتي ڪائونسل جي ميمبرن 31 جنوري تي پاڪستان جي صوبي بلوچستان ۾ مختلف هنڌن تي ٿيل دهشتگرد ۽ بزدلاڻي حملن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي سلامتي ڪائونسل جي ميمبرن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته ان مذمت جوڳي دهشتگرد ڪارروائين ۾ ملوث، منصوبابندي، مالي مدد ڪندڙن ۽ سرپرستن کي جوابده قرار ڏئي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي بيان ۾ سڀني ملڪن کي چيو ويو آهي ته اهي عالمي قانون ۽ سلامتي ڪائونسل جي لاڳاپيل ٺهرائن تحت ان معاملي ۾ پاڪستان حڪومت سان ڀرپور سهڪار ڪن سلامتي ڪائونسل جي ميمبرن متاثر خاندانن، پاڪستان جي حڪومت ۽ عوام سان گهري همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو ۽ زخمي ماڻهن جي جلد ۽ مڪمل صحتيابي جي دعا ڪئي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي ميمبرن پاڪستان جي صوبي بلوچستان ۾ مختلف هنڌن تي ٿيل تازن خطرناڪ دهشتگرد حملن جي مذمت ڪئي ۽ مطالبو ڪيو ته انهن حملن جي ذميوارن کي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي نيويارڪ ۾ گڏيل قومن جي هيڊ ڪوارٽر پاران جاري پريس بيان ۾ 15 ميمبرن تي ٻڌل سلامتي ڪائونسل چيو آهي ته ان نفرت جوڳين دهشتگرد ڪارروائين جي نتيجي ۾ 48 پاڪستاني شهري فوت ٿيا جن ۾ 31 عام شهري شامل هئا، جن ۾ 5 عورتون ۽ 3 ٻار به شامل آهن بيان ۾ چيو ويو آهي ته انهن دهشتگرد حملن جي ذميواري ڪالعدم بلوچ لبريشن آرمي (بي ايل اي) قبول ڪئي آهي بيان ۾ انهن حملن کي گندو ۽ بزدلاڻو قرار ڏنو ويو آهي پاڪستان خلاف وڌندڙ دهشتگرد حملن تي سلامتي ڪائونسل جو اهو بيان برطانيه جي ناظم الامور جيمز ڪريوڪي جيڪو هن وقت سلامتي ڪائونسل جو صدر آهي پاران جاري ڪيو ويو آهي بيان ۾ چيو ويو آهي ته سلامتي ڪائونسل جي ميمبرن متاثر خاندانن، پاڪستان حڪومت ۽ پاڪستاني عوام سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو ۽ زخمين جي جلد ۽ مڪمل صحتيابي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو بيان ۾ ان ڳالهه جي توثيق ڪئي وئي ته دهشتگردي پنهنجي سمورن قسمن ۽ مظاهرن ۾ عالمي امن ۽ سلامتي لاءِ سڀ کان وڌيڪ سنگين خطرن مان هڪ آهي. بيان ۾ چيو ويو آهي ته سلامتي ڪائونسل جي ميمبرن ان ڳالهه تي زور ڀريو ته اهي مذمت جوڳيون دهشتگرد ڪارروائيون ڪندڙن منصوبا تيار ڪندڙن مالي مدد ڪندڙن ۽ سرپرستن کي جوابده قرار ڏنو وڃي ۽ انهن کي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي هن سموري رياستن تي زور ڀريو ته هو عالمي قانون ۽ سلامتي ڪائونسل جي لاڳاپيل ٺهرائن تحت پنهنجي ذميوارين موجب ان سلسلي ۾ پاڪستان حڪومت سان ڀرپور تعاون ڪن بيان ۾ چيو ويو آهي ته سلامتي ڪائونسل جا ميمبر ان ڳالهه جو ورجاءُ ڪن ٿا ته دهشتگردي جي ڪا به ڪارروائي ڪٿي به، جنهن پاران به ڪئي وڃي، هو ڏوهاري ۽ ناقابل جواز آهي هن ان ڳالهه جي به توثيق ڪئي ته سمورين رياستن گڏيل قومن جي چارٽر ۽ عالمي قانون تحت پنهنجي ذميوارين سميت عالمي انساني حقن، پناهگيرن جي قانون ۽ عالمي انساني قانون موجب دهشتگردي جي سبب عالمي امن ۽ سلامتي کي لاحق خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ هر ممڪن قدم کڻنديون

بقايا 2 اويس قادر شاهه

قادر شاهه ڪانفرنس جي پهرين ڏينهن مهمانن کي ڀليڪار چيو هن چيو ته سنڌ اسيمبلي پاران پارليامانِي ڪانفرنس جي ميزباني فخر جي ڳالهه آهي جڏهن ته 2012ع کانپوءِ پهريون ڀيرو سنڌ اسيمبلي ڪنهن عالمي سطح جي ڪانفرنس جي ميزباني ڪري رهي آهي سي پي اي ايشيا ڪانفرنس کي خطاب ڪندي اسپيڪر اويس قادر شاهه چيو ته سي پي اي جي قيام کان وٺي ٻيو ڀيرو سنڌ اسيمبلي کي هي اعزاز حاصل ٿيو آهي هن چيو ته سنڌ ڌرتي هميشه مسافرن، واپارين ۽ سياحن کي ٻانهون کولي ڀليڪار ڪيو آهي سنڌو درياهه واپار، رابطن ۽ تهذيب جي واڌ کي هموار ڪيو جڏهن ته موهن جو دڙو ۽ مڪلي جا آثار هڪ شاندار تهذيب جي عڪاسي ڪن ٿا اسپيڪر چيو ته سنڌ جي سڃاڻپ امن، هم آهنگي ۽ انساني قدرن سان جڙيل رهي آهي هن زور ڏنو ته جمهوريت ڳالهين برداشت ۽ اتفاق راءِ سان مضبوط ٿئي ٿي جڏهن ته غربت، بک ۽ بيمارين خلاف گڏيل جدوجهد وقت جي اهم ضرورت آهي هن چيو ته ڏکڻ ايشيا ۾ امن کان سواءِ ترقي ممڪن ناهي اويس قادر شاهه چيو ته علائقي کي ماحولياتي تبديلي، سيلابن ۽ خشڪ سالي جهڙن وڏن چيلينجن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي هن چيو ته پارليامينٽن جي مضبوطي، ماحولياتي تحفظ ۽ جعلي خبرن جو مقابلو اهم موضوع آهن عورتن کي آن لائن تشدد کان تحفظ ڏيڻ کي هن گڏيل ذميواري قرار ڏنو اسپيڪر سنڌ اسيمبلي چيو ته دنيا هن وقت تڪرارن، غربت، بک، بيمارين ۽ ماحولياتي بحرانن جي ور چڙهيل آهي. جڏهن ته مصنوعي ذهانت ۽ سوشل ميڊيا انساني سلامتي لاءِ نوان خطرا پيدا ڪيا آهن هن زور ڏنو ته جمهوريت کي اعتماد، شموليت ۽ امن جي بنياد تي بيهتر متعين ڪرڻ جي ضرورت آهي سيد اويس قادر شاهه چيو ته سي پي اي ايشيا خطي جو واحد مؤثر پارليامانِي فورم آهي جيڪو جمهوري ادارن کي مضبوط ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي هن وڌيڪ چيو ته گذريل سال مئي ۾ پاڪستان خلاف ٿيل جارحيت جو هٿياربند فوجن ڀرپور ۽ منهن ٽوڙ جواب ڏنو جڏهن ته آپريشن "بنيان المرصوص" ۾ افواج پاڪستان پيشه ورانه صلاحيتن جو شاندار مظاهرو ڪيو هن آخر ۾ چيو ته هي ڪانفرنس نه رڳو پارليامانِي رابطن کي هٿي ڏيندي پر خطي ۾ امن ۽ استحڪام ۽ گڏيل سهڪار لاءِ به اهم ثابت ٿيندي سي پي اي

آفس آف دي چيئرمين ٽائون ڪميٽي ڏگهڙي

NO. T.C/DGHR/100 OF 2026 Dated:28-01-2026

نيلامي نوٽيس

ٽائون ڪائونسل ٽائون ڪميٽي ڏگهڙي پاران متفق طور منظور ڪيل **قرارداد نمبر 07، تاريخ27-02-2025** جي پيروي ۾، **واٽر سپلاءِ اسڪيم فيز-I، ڏگهڙي ٽائون،** ضلعو ميرپورخاص ۾ واقع اوور هيڊ واٽر ٽينڪ (پاڻي جي ٽانڪي)جي ڊاهڻ / مسمار ڪرڻ لاءِ سيل بند بوليون / آڇون طلب ڪيون وڃن ٿيون.ڪليل نيلامي جون تاريخون هيٺين ريت آهن.**پهرين دفعو** 13 فيبروري 2026، **ٻيون دفعو** 16 فيبروري 2026، **ٽيون دفعو** 17 فيبروري 2026،**صبح 10:00 وڳي کان منجهند 12:30 وڳي تائين.** تفصيل هيٺ ڏجن ٿا.

سيريل نمبر	ٽيڪس / فيس جو نالو	سرڪاري بولي	10٪ سيڪيورٽي ڊپازٽ(S.D)
	ٽائون ڪميٽي ڏگهڙي		
01	اوور هيڊ واٽر ٽينڪ، واٽر سپلاءِ اسڪيم فيز-I، ٽائون ڪميٽي ڏگهڙي جي ڊاهڻ (مسمار ڪرڻ)	اوپن ريٽ (کليل شرح)	ڪل بولي رقم جو٪ 10

- •ڪليل نيلامي ۾ حصو وٺندڙ سڀني شرڪت ڪندڙن کي 10٪ سيڪيورٽي ڊپازٽ،ڊيمانڊ ڊرافٽ يا پي آرڊر جي صورت۾جمع ڪرائڻوپوندو،بغير سيڪيورٽي ڊپازٽ جي نيلامي ۾ شرڪت جي اجازت نه هوندي.
- •ناڪام بولي ڏيندڙن کي نيلامي جي ڪارروائي ختم ٿيڻ سان گڏ سندن جمع ڪرايل رقم واپس ڪئي ويندي.
- •ڪامياب بولي ڏيندڙ موقع تي ئي ڪل بولي رقم جو 10٪ ادا ڪرڻ جو پابند هوندو.
- •ڊي فالٽر ٺيڪيدار کي نيلامي ۾ شرڪت ڪرڻ جي اجازت نه هوندي.
- •نيلامي جون ٻيون شرطون ۽ ضابطا آفيس وقت دوران ٽائون ڪميٽي ڏگهڙي جي ٽيڪسيشن برانچ مان ڏسي يا حاصل ڪري سگهجن ٿا، ۽ ڪامياب بولي ڏيندڙ انهن شرطن تي عمل ڪرڻ جو پابند هوندو.
- •مجاز اختيارين وٽ اهو حق محفوظ آهي ته هو بنا ڪو به ٻڌائڻ جي ڪنهن هڪ يا سڀني بولين کي رد ڪري سگهن ٿا.

چيئرمين
ٽائون ڪميٽي ڏگهڙي

INF-KRY NO.418/2026

iWORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com